**الطاف حسين جوکيو**
اسسٽنٽ پروفيسر، سنڌي
غلام رباني آگرو گورنمينٽ ڊگري ڪاليج، ڪنڊيارو

# نون وينجن ساڪن (قريب مخرج - آوازن ۽ جمع جي گرداني صورت سبب) جو معاملو

# A DILEMMA OF VOWEL LESS- CONSONANT ‘NOON’

(Due to close to place of articulation of dental and retroflex sounds and in plural inflected form)

**Abstract**

In Sindhi Orthography, discussions upon preferential form of words were carried out from 1853 to 2008. It has been observed that the preferential form of the few words came under consideration at regular intervals. Instead of proper study of the word, personal views were focused.

A workshop upon ‘Textbook’s Language’ was organized by Sindhi Language Authority on 19th December 1998. In the workshop, the 2nd group of Scholars suggested that ‘نَنَڍِپڻُ’ is better than ‘ننڍَپُڻُ’ and after that such dilemma was never discussed again. Dr. Murlidhar Jetley, from the book named ‘Baab-naama’ by Nandiram Sewhani published in 1853 described about last consonant of ‘noon’, as vowel and vowel less in plural inflected form of Sindhi words.

Actually, the Second ‘Noon’ of word ‘ننڍپڻ’ because of placed after short vowel and before the place of articulation of plosive sound ‘ڍ’; and last ‘Noon’ of ‘اکرن، ٻارن’in plural inflected form of Sindhi words, due to vowel of second last consonant would be vowel less. Unfortunately, no work has been done in this direction.

Dr. Murlidhar Jetley described three forms of ‘Noon’ in Devnagry Orthography, but he couldn’t explain all aspects of ‘Noon’, like Noon as ‘vowel less consonant’.

Dr. Ghulam Ali Allana studied about ‘vowel less-consonant Noon’ which appears due to placed after short vowel and before the place of articulation of plosive sounds but he considered it as ‘Nasalization’ in Sindhi Orthography.

Further, Dr. Allana, in his examples mentioned resemblance between ‘vowel less Meem’ and ‘vowel less Noon’, although; these are different regarding sounds of vowel and consonant.

In this paper, it is worked on the articulation of ‘vowel less Noon’ and it’s Orthography.

وچور:

- مسئلي جو بيان
- اڀياسي سوال
- طريقي ڪار
  - سنڌي صورتخطيءَ ۾ ’ن‘ جو ڪارج
  - ٻن عالمن (جيٽلي ۽ الانا) جي گڏيل راين ۾ ’ن‘ جو ڪارج
  - اردو صورتخطيءَ ۾ نون وينجن ۽ گهُٽي جا دائرا
  - ديوناگري صورتخطيءَ ۾ نون وينجن ۽ گهُٽي جا دائرا
  - اخذ ڪيل نون ساڪن وارو مونجهارو
  - نون ساڪن جي حقيقت
  - قريب مخرج ڏندوين، مهارن وارن آوازن کان اڳ نون جي آواز جو جائزو
  - ڊاڪٽر الانا وٽ نون ساڪن جو تصور موجود آهي
  - ڊاڪٽر الانا صاحب جي ڏنل مثالن جي ڇنڊڇاڻ
  - سنڌي لفظن جي جمع صورت ۾ نون ساڪن جو استعمال
  - لفظن جي ترجيحي صورت
- حاصل مطلب

## مسئلي جو بيان

19 ڊسمبر 1998ع تي سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ پاران ’درسي ڪتابن جي ٻوليءَ بابت‘ ڪرايل ورڪشاپ ۾ ٻئين گروپ، (جنهن ۾ سيد شير شاهه، صدف شاد، غلام رسول چنو، ماه طلعت عباسي، تاج جويو شامل هئا) پاران ’ننڍَپُڻ‘ لفظ جي اعرابن ڪي سڌاري، حتمي طور تي، ’نَنَڍَپڻُ‘ (تاج، جون 1999: 71) بيهاريو ويو

(مبادا، ترجيحي صورت ۾ پروف جي غلطي هجي، يا گروپ جي مهرباني هجي) جيڪو پوءِ بحث هيٺ ڪونه رهيو: هن ڪان اڳ 1853ع تي ننديرام جي لکيل باب نامي جي حوالي سان ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي جمع لفظن جي آخري 'ن' جي اعرابن بابت ڄاڻائي ٿو: "عام عدد جمع جي صورتن ۾، ڪن هنڌن تي آخري وينجن ساڪن آهي ته ڪن ٻين هنڌن تي ان هيٺان زير لکي آهي: آگَرِيَنِ، لُوڪَنِ، اَڪرَن، ٻاَرَن." (جيٽلي، 1999: 178)

ڊاڪٽر جيٽلي صاحب 'ن' تي مختلف اعرابن جو اشارو ته ڪيو ليڪن ان بابت ڪا واضح تصحيح ڪونه ڄاڻائي، ته اعرابن جي معاملي ۾ ڇا ٺيڪ گهرجي؟

مسئلي جي بيان ۾ ٻه الڳ نوعيت جا 'نون ساڪن' جا معاملا سامهون آيا آهن:

1. قريب مخرج سبب 'نون ساڪن' جو بيهڻ
2. جمع جي گرداني صورت ۾ 'نون ساڪن' جو بيهڻ

## اپياسي سوال

مٿين ٻن دؤرن جي الڳ نوعيت وارن لفظن ۾ ڪم آندل 'نون ساڪن' سبب هيٺيان ٻه اهم سوال جنم وٺن ٿا:

1. 'ننڍپڻ' لفظ ۾ ٻئي 'نون' کي ڇا سمجهجي، ساڪن، متحرڪ يا گهُٽو؟
2. 'آگرين، لوڪن، اکرن، ٻارن' لفظن ۾ آخري نون ساڪن ٿيندو يا متحرڪ؟

## طريقي ڪار

مذڪوره لفظن جي روشنيءَ ۾، سنڌي صورتخطيءَ ۾ 'نون' اکر جي ڪارج معلوم ڪرڻ لاءِ عالمن جي راين مان هيٺيان نڪتا معلوم ڪيا ويندا:

1. نون متحرڪ، ساڪن ۽ گهُٽي جي حيثيت ۽ ان جي صورتخطي
2. جمع گرداني صورت ۾ نون جي حيثيت

### سنڌي صورتخطيءَ ۾ 'ن' اکر جو ڪارج

عام طور تي سنڌي صورتخطيءَ ۾ نون جي اکر کان ٽي ڪم (نون وينجن، نون ساڪن ۽ نون گهُٽي وارا) ورتا ويندا آهن. ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب سنڌي صوتيات جي حوالي سان ڄاڻائي ٿو ته: "سنڌيءَ جي صوتياتي نظام ۾ جيئن گهٽا وينجن ٿيندا آهن، تيئن گهُٽا سُرَ به ٿيندا آهن. گهُٽن سُرَن کي تحريري صورت ڏيڻ لاءِ، سَرَ جي پويان 'ن' اکر لکيو ويندو آهي، جيڪو ان سُرَ جي گهُٽي هئڻ جو اهڃاڻ

ڏيندو آهي. هت هيءُ نڪتو بہ قابل توجهہ آهي تہ سنڌي صورتخطيءَ ۾ گُهٽي وينجن [ن] ۽ 'گُهٽي سر' کي لکت ۾ نمايان ڪندڙ اکر 'ن' جي لکت ۾ ڪوبہ فرق ڏيکاريل نہ آهي. اردوءَ ۾ اهڙو فرق بلڪل ظاهر آهي. انهيءَ ڪري ئي سنڌي صورتخطيءَ ۾ مونجهارو ٿئي ٿو، ۽ صورتخطيءَ ۾ گُهٽي سُرَ واري 'ن' مٿان جزم ڏيندا آهن، جنهن جو استعمال بلڪل غلط آهي." (الانا، 2009: 112)

سائين الانا صاحب جي حوالي ۾ صوتياتي نظام موجب ٽنهي قسمن جي نون (وينجن، ساڪن ۽ گهُٽي) بابت ذڪر آيل آهي، البتہ گهُٽي سُر جي نون مٿان جزم کي رد ڪري ٿو جيڪو علمي اصولن موجب بلڪل درست آهي. البتہ نون وينجن ۽ نون گهُٽي جي صورتخطيءَ ۾ فرق نہ هجڻ جي شڪايت رکي ٿو: سندس راءِ موجب اردو صورتخطيءَ ۾ اهڙي فرق کي ظاهر ڪيو ويندو آهي.

سنڌي صورتخطيءَ ۾ ٻن ڪارجن لاءِ ڪم ايندڙ 'نون' جي مونجهاري جو احوال ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي صاحب هيئن ڄاڻايو آهي تہ: "عربي- سنڌي صورتخطيءَ ۾ سُرَ جي گُهٽي اچار ۽ انوناسڪ (نڪائين) وينجن /ن/ جي وچ ۾ لکت ۾ ڪوبہ فرق نہ ٿو رکيو وڃي، جيئن تہ:

| | | |
|---|---|---|
| qNUN | ٿون | (نون گُهٽي سُر 'اُونْ' لاءِ)، |
| sñq | سَنت | (نون وينجن)، |
| snq | سَنَتَ | (لهٽو)، |
| hNs | هَنس | (نون وينجن)، |
| hNsI | هنسي | (کِلَ، مسڪراهٽ 'نون گُهٽي' سر جي اچار لاءِ)" |

(جيٽلي، 1999: 189- 190)

(ڊاڪٽر جيٽلي، مثال ۾: hNs هَنس (نون وينجن) ڄاڻايو آهي، ڄاڻايل لفظ ديوناگري صورتخطيءَ موجب 'نون گهُٽي' جو مثال آهي: اتي اهو مونجهارو ٿئي ٿو تہ ڊاڪٽر جيٽلي جي لفظ 'هنس' ڄاڻائڻ مان مراد، الائجي 'نون' ساڪن هئي يا نون متحرڪ؟)

اسانجي بدقسمتي آهي جو اسان عربي- سنڌي آئيويٽا يا صورتخطيءَ ۾ ان مونجهاري جي حل لاءِ ڪونہ سوچيو آهي: ۽ نہ وري ايلس واريءَ ڪميٽيءَ جي مخصوص ميمبرن ان مسئلي کي آڏو رکيو: هينئر تہ موجوده آئيويٽا ۽ رسم الخط کي صحيفي جو درجو مليل آهي، جنهن ۾ ڪنهن بہ ڦير ڦار جو امڪان رد ڪيو وڃي ٿو، ۽ مونجهارا ؟ مونجهارا ئي رهن ٿا.

ڊاڪٽر جيٽلي صاحب مثالن ۾ جيڪي لفظ ڪم آندا آهن تن کي ڊاڪٽر الانا صاحب ڪم آڻيندي 'ساڪن وينجن' ۾ شامل ڪيو آهي. ڊاڪٽر الانا صاحب نون گهُٽي تي جزم جي استعمال کي رد ڪندي ڄاڻائي ٿو تہ: "پراڻن ڪتابن ۾ گهُٽي

سُر واري ’ن‘ مٿان بہ جزم ڏني وئي آهي، مثلاً: آهينَ، اسينَ. ’آهينَ‘ ۾ ’ن‘ مٿان جزم جو استعمال ڏيکاري ٿو تہ ’ن‘ ساڪن آهي، نہ ڪہ نون غنو، حالانڪ ساڪن وينجن [ن] ۽ گهُٽي سُر واري ’ن‘ ۾ وڏو فرق آهي، مثال طور:

| ساڪن وينجن [ن] | گهُٽي سر (حرف علت) وارو ’ن‘ |
|---|---|
| سَنُتُ | آهِين |
| هنُس | تنهن |
| گهنُتي | تڏهن |

(الانا، 1993: 148- 149)

## ٻن عالمن (جيٽلي ۽ الانا) جي گڏيل راين ۾ ’ن‘ جو ڪارج

ٻنهي عالمن جي حوالن مان جيڪي مشترڪ ڳالهيون سامهون اچن ٿيون سي هن ريت آهن:

1. سنڌي صورتخطيءَ ۾ گهُٽي وينجن [ن] ۽ ’گهُٽي سر‘ کي لکت ۾ نمايان ڪندڙ اکر ’ن‘ جي لکت ۾ ڪوبہ فرق ڏيکاريل نہ آهي.
2. ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي صاحب جيڪي مثال ڏنا آهن تن ۾ ٽن قسمن جا نون آڏو اچن ٿا، جن ۾ ساڪن نون جي ڪابہ وضاحت ڏنل ناهي؛ حقيقت ۾ ’نون ساڪن‘ جي حيثيت اڻ- ڄاتل آهي، جنهن تي جزم جوئي استعمال ٿيندو.
3. ڊاڪٽر الانا صاحب ’نون گهُٽي‘ تي جزم جي استعمال کي بلڪل رد ڪري ٿو؛ البتہ ڊاڪٽر الانا صاحب، جيٽلي صاحب جي ڏنل مثالن (سنُت ۽ هنُس) کي نون ساڪن ۾ شمار ڪري ٿو.
4. ٻنهي عالمن ويچار ڏيکاريو آهي تہ نون وينجن توڻي سُر جو فرق اردو ۽ ديوناگريءَ ۾ بلڪل واضح آهي.

## اردو صورتخطيءَ ۾ نون وينجن ۽ گهٽي جا دائرا:

ٻنهي عالمن جي گڏيل راءِ موجب ڏنو وڃي تہ اردو وارا خود ’نون وينجن‘ ۽ ’نون گهُٽي‘ جي عام صورتخطيءَ مان مطمئن ناهن، ان حوالي سان پروفيسر سيد محمد سليم ڄاڻائي ٿو تہ: ” اردو املا کی اصلاح کے سلسلے میں نون خفی کا مسئلا بھی قابل غور ہے نون خفی جب لفظ کے آخر میں آتا ہے تو غیر منقوطہ لکھا جاتا ہے۔ اس کو لوگ سہولت سے پڑھ لیتے ہیں جیسے مہماں، یہاں وغیرہ۔ لیکن جب یہ لفظ کے درمیان میں آتا ہے تو نون ظاہر میں اور نون خفی میں تمیز کرنے کی کوئی علامت نہیں ہوتی۔ نون ظاہر ہی لکھا جاتا ہے اور بعض نون ظاہر ہی پڑھتے ہیں حالانکہ در حقیقت وہ نون خفی ہوتا ہے۔ میں نے بعض لوگوں کو نون ظاہر پڑھتے سُنا ہے۔ بعض کتابوں میں دیکھا ہے کہ نون خفی پر چھوٹا سا نون یا ہلال بنا دیتے ہیں۔ یہ بہت اچھی تجویز ہے۔ اس پر عمل ہونا چاہیے جیسے ہنؐگامہ، گنؐگا۔“ (سلیم،۱۹۸۱: ۸۹- ۹۰)

نون گهُٽي جي صورتخطيءَ جي حوالي سان اردو ٻوليءَ جي ماهر ڊاڪٽر ابوسلمان شاهجهانپوريءَ ڄاڻايو آهي ته ”نون غنہ اگر لفظ کے آخر میں ہو تو اس پر نقطہ نہیں لگاتے، یہی اس کی پہچان ہوتی ہے، جیسے: ماں، کہاں، کہوں وغیرہ۔ اگر لفظ کے درمیان میں ہو تو اس پر الٹے جزم کی علامت (ں) بنادیتے ہیں، جیسے:

ماٖند، چاٖند، راٖنڈ وغیرہ۔“ (ابوسلمان، ۱۹۸٦: ۱۵۰)

مقصد ته اردو وارا به اهڙي راءِ رکن ٿا ته لفظ جي آخر ۾ ايندڙ ’نون گهُٽو‘ ته نقطي کان سواءِ لکجي ٿو ليڪن ’جنگ‘ جهڙن لفظن ۾ وچ ۾ ايندڙ ’نون گهُٽي‘ مٿان نڪتي چنڊ يا ابتي جزم جي نشاني لڳائڻ گهرجي، جيڪا عام صورتخطيءَ ۾ ڪم نه ٿي آندي وڃي.

### ديوناگري صورتخطيءَ ۾ نون وينجن ۽ گهٽي جا دائرا

هندي ٻولين لاءِ ديوناگري صورتخطيءَ ۾ ’نون گهٽي‘ جو معاملو بلڪل حل ڪيل آهي: جيئن: انگ = ANg ، سانگُ = swNgu وغيره: يعني ’نون گهُٽي‘ لاءِ گهربل آواز بعد، مٿان ٽِڪي جو نشان آندو ويندو آهي. جيڪو هندي ٻولين لاءِ ديوناگري صورتخطيءَ ۾ سُر طور ڄاتو وڃي ٿو ۽ پڙهايو وڃي ٿو: ٻيءَ صورت ۾ ’نون وينجن متحرڪ/ اظهاري ‘ لاءِ ’ n ‘ وينجن جو اکر لکندا آهن، جيئن: سَنَتَ = snq جڏهن ته نون ساڪن واري آواز لاءِ اڌ نون جي نشاني ڪم آندي ويندي آهي، جيئن: سَنۡت =’ sñq ‘ جي وچ ۾ لکيل آهي جنهن کي ڊاڪٽر جيٽلي صاحب وينجن جي مثالن ۾ ڄاڻائي چڪو آهي.

عربي ٻوليءَ جي صورتخطيءَ ۾ نون وينجن توڙي گهُٽي جا ڪي دائرا مقرر آهن. سنڌي صورتخطيءَ ۾ اهڙي قسم جي حل لاءِ اپياس ڪري سگهجي ٿو، ليڪن هتي صرف ’نون ساڪن‘ ئي مقصود آهي.

### اخذ ڪيل نون ساڪن وارو مونجهارو

ڊاڪٽر الانا صاحب ۽ ڊاڪٽر جيٽلي جي حوالن مان جيڪا اهم وضاحت طلب ڳالهه سامهون اچي ٿي سا آهي نون ساڪن جي! جنهن لاءِ ڊاڪٽر جيٽلي صاحب مثالن آڏار ڪابه وضاحت نه ڏني آهي. حالانڪ، ديوناگري صورتخطيءَ ۾ نون وينجن جي لکڻ جا به نمونا (نون متحرڪ ۽ ساڪن) آهن.

ڊاڪٽر الانا صاحب ان بابت لکيو آهي ته ”صورتخطيءَ ۾ گهُٽي سُرَ واري ’ن‘ مٿان جزم ڏيندا آهن، جنهن جو استعمال بلڪل غلط آهي.“ اصولي طور تي جڏهن ڪا حتمي راءِ ڏبي آهي اتي امڪاني صورتن جي وضاحت لازمي ڪرڻي پوندي آهي. ڊاڪٽر الانا صاحب، ڊاڪٽر جيٽلي جي مثالن آڏار، ’جزم‘ جي

استعمال لاءِ اهو تہ واضح ڪيو تہ اهڙو نون ساڪن ٿيندو، ليڪن صورتخطيءَ جي لحاظ کان اصولي طور تي ان جا ڪي دائرا متعين ڪونہ ڪيا، تہ ڪهڙيءَ صورت ۾ ۽ ڪٿي نون ساڪن جي حالت ٿيندي. اهڙو 'اصولي دائرو' الانا صاحب جي پوري پورهئي ۾ ڪٿي بہ واضح ڄاڻايل ڪونهي.

فرض ڪريو تہ 'سِندُ' يا 'نَنيو' ۾ عام جو خيال هوندو آهي تہ انهن لفظن ۾ ڪم آيل نون گُهڻو آهي؛ جڏهن تہ مذڪوره لفظن ۾ ڪم آيل نون ساڪن بيهندو آهي.

ڊاڪٽر مرليڌر صاحب بہ، ديوناگري صورتخطيءَ آڌار، 'نون' جا جيڪي اشارا ڏنا آهن، تن ۾ ٽن قسمن جا نون (نون گُهڻو، نون وينجن ساڪن، نون وينجن متحرڪ) ڄاڻايل آهن، ' qNUN - تون' ۾ 'اُون' گُهڻو سر ڪم آيل آهي جنهن لاءِ ديوناگري لکاوٽ ۾ نون گُهڻي لاءِ الڳ سان اکر مٿان ٽبڪي جي نشاني ڪم آڻبي آهي؛ 'sñq – سَنُت' لفظ ۾ نون وينجن 'ساڪن' صورت ۾ آهي، جنهن ڪي ديوناگري صورتخطيءَ ۾ 'اڌ اکر' ڪري لکيو ويندو آهي؛ جڏهن تہ لفظ ' snq - سَنَتَ' ۾ نون وينجن متحرڪ ڄاڻايل آهي، جنهن سبب ديوناگريءَ ۾ پورو نون اکر لکيو ويندو آهي؛ ياد رهي تہ ديوناگري آئيويٽا جو هر اکر 'زبر' سان متحرڪ سمجهيو ويندو آهي.

ڊاڪٽر جيٽلي جي مثالن ۾ ٽي 'نون' جي صورتخطين جا ٽي نمونا آهن، جن تي ڊاڪٽر جيٽلي صاحب الائجي ڇو غور ئي نہ ڪيو! نتيجتاً، آوازن جي بنياد تي، ٿلهي ليکي اهو چئي سگهجي ٿو تہ نون وينجن جا بہ قسم آهن هڪ متحرڪ ٻيو ساڪن؛ جنهن مسئلي لاءِ اسان جي عالمن ڪي دائرا مقرر ڪونہ ڪيا آهن.

### نون ساڪن جي حقيقت

پرائمري استادن جي تربيتي ادارن جي لاپرواهيءَ ۽ لاعلميءَ سبب اسانجي پڙهائيندڙ استاد ڪي 'نون گُهڻي (سرُ)'، 'نون ساڪن (وينجن)' ۽ 'نون متحرڪ (وينجن)' پڙهائڻ يا سمجهائڻ جو ڍنگ ڪونهي ۽ نہ وري صورتخطيءَ ۾ مذڪوره آوازن لاءِ اسان جي عالمن جو ڪو سَنڌو/ فرق متعين ٿيل آهي، جنهن سبب پڙهندڙ ٻار بہ مونجهاري جو شڪار رهي ٿو. اڪثر استاد نون گُهڻي کي ظاهر ڪرڻ لاءِ 'جزم' جو استعمال ڪندا آهن، سو الانا صاحب جي راءِ موجب، ڪنهن حوالي سان بہ درست ناهي؛ پر سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ:

ڇا اسان آوازن جي بنياد تي اهو ڄاڻو آهي تہ ڪنهن لفظ ۾ ڪم آيل 'ن' جي اکر جي حيثيت ڪهڙي آهي؟

سنڌي صورتخطيءَ ۾ جزم جو ڪم صرف آواز کي ساڪن ڪرڻ هوندو آهي؛ اهڙي 'ن' وينجن ساڪن آوازن جي مثالن جو اڀياس هيٺ پيش ڪجي ٿو:

’ن‘ ساڪن جا مثال: ’نَنڍو‘، ’ڪَنڀو‘، ’ڏَنڀو‘، ’ڪَنڀو‘

خيال ٿو ڪجي تہ: ڪنهن لفظ ۾ ’ن‘ ساڪن جو آواز اتي تهندو آهي جتي نون بعد ان جي قريب مخرج، يعني ڏندوين وينجن آوازن مان: ’ت، ٿ، د ۽ ڌ‘ يا مَهار وارن وينجن آوازن مان: ’ٿ، ٺ، ڊ، ڍ، ڏ، ن، نهہ، ل، لهہ، ر، رهہ، ڙ، ڙهہ‘، ڪوبہ هڪ ايندو تہ ان جڳهہ تي ڇوٽن سُرن وارو زبر سان گُهٽو سُر [اَن]، زير سان گُهٽو سُر [اِن] ۽ پيش سان گُهٽو سُر [اُن] نہ تهندو، بلڪ گُهٽي جي بجاءِ ساڪن [اَنّ، اِنّ يا اُنّ] بيهندو ۽ ان جڳهہ تي ’جزم‘ ئي ڏيڻ گهرجي؛ واضح رهي تہ اهو نون ساڪن وارو اصول ڊگهن سرن سان نہ بيهندو!

**قريب مخرج ڏندوين، مهارن وارن آوازن کان اڳ نون جي آواز جو جائزو**

ايندڙ قريب مخرج وارن آوازن جا مثال هيٺ ڏجن ٿا، جن سبب ڇوٽو گُهٽو سر نون ساڪن ۾ تبديل ٿئي ٿو؛ جيئن:

(اَنْ > اَنّ)، (اِنْ > اِنّ)، (اُنْ > اُنّ).

**ڏندن وارا بندشي ڌوڪڙا:**

ت: سَنّت، اَنّت، تَنتي؛

ٿ: پَنّٿ؛ مِنّٿ،

د: ڏَند، ڏَنّدُ، چَنّد، بَنّدو؛ چِنّدُ، رِنّد، هِنّدو؛ سُنّدر، سنّدو،

ڌ: ڪَنڌ، هَنڌ، ڏَنڌو؛ سَنّڌو، سِنّڌ؛ مُنّڌ، ڌُنڌ،

**مهار وارا/ مورڏني بندشي ڌوڪڙا:**

ٺ: ڪَنّٺ،

ڊ: وَنڊ، ڪَنڊ (مناڙ)، مَنڊُ (منتر)، مَنڊُ (لَنگ) ڏَنڊ، چَنڊ؛ ڳِهنڊ، ڀِنڊ؛ ٻُنڊ وغيره.

ڍ: ڍَنڍ، سُنڍ، سَنڍ، مُنڍ، ننڍو،

مهارن وارا بندشي ڌوڪڙا [ٺ]؛ اڌوڪڙا [ڏ]؛ نڪوان [ن، نهہ، ڻ]؛ پاسائتا [ل، لهہ]؛ لرزيدار [ر، رهہ، ڙ، ڙهہ] اهڙا آواز آهن جن کان اڳ نون ساڪن/ گُهٽو نہ ٿو اچي. مقصد تہ سنڌي ٻوليءَ جي ڪنهن بہ لفظ ۾ مذڪوره آوازن/ اکرن کان اڳ ’ن‘ ساڪن/گُهٽو ڪونہ ٿو اچي.

{نوٽ: ’ٺ‘، ’ڊ‘ ۽ ’ڍ‘ آوازن کي پروفيسر علي نواز جتوئي صاحب مهار وارن ۽ مورڏني آوازن ۾ ڳڻيو آهي، جڏهن تہ ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب مذڪوره آوازن کي صرف مورڏني آوازن ۾ شمار ڪيو آهي} (جتوئي، 1996: 64) ۽ (الانا، 2009: 70)

نُون بعد اهڙن آوازن جي نہ اچڻ جا اصول عربي ٻوليءَ ۾ بہ متعيّن ڪيل آهن، جنهن لاءِ پروفيسر واءِ. ايس طاهر علي ڄاڻائي ٿو تہ: ”نون ساڪن جي پٺيان يڪدم ’ر‘ ڪانہ ايندي آهي.“ (طاهر، 1965: 284- 296) سنڌي ٻوليءَ موجب وري ’ر‘ کان

اڳيان نون ساڪن ڪونہ ايندو آهي.

نون ساڪن جي اهڙن مثالن تي اسان جي عالمن غور نہ ڪيو آهي، نہ وري ڊاڪٽر جيٽلي صاحب ان جا مثال ڏيندي ئي غور ڪيو! ڊاڪٽر جيٽلي صاحب چڱيان ڄاڻي ٿو تہ هندي ٻولين لاءِ رچيل ديوناگري صورتخطيءَ ۾ اهڙن لفظن ۾ نون گُهڻو نہ پر ساڪن ڪري ڄاڻايو ويندو آهي، ۽ ساڪن اکر کي ڪنهن اکر جي اڌ شڪل سان ظاهر ڪيو ويندو آهي؛ جيئن:

nñFo (ننڍو)، Kñfo (ڪنڊو)، pñQ (پنٽ) وغيره.

ان سڄي بحث جو نچوڙ اهو آهي تہ مٿي ڄاڻايل آوازن کان اڳ نون گُهڻو بيهندو ئي ڪونہ، بلڪ ان جي قريب مخرج سبب نون ساڪن جو آواز ٿيندو، جنهن سبب نون جي اهڙن آوازن مٿان ساڪن جي ئي نشاني لڳائڻ کپي؛ ٻيءَ صورت ۾ گُهڻي تي ساڪن جي نشاني ڪانہ لڳندي.

## ڊاڪٽر الانا وٽ نون ساڪن جو تصور موجود آهي

ڊاڪٽر الانا صاحب وٽ نون ساڪن جو تصور سندس جڳ مشهور ڪتاب 'سنڌي صوتيات' جي باب ڏهين ۾ 'ڇوٽن گُهڻن سرن (اَن، اِن ۽ اُن) جو گُهڻن ڌماڪيدار وينجنن سان گڏيل اچار کان پوءِ وينجنن جي صورت ۾ بدلجڻ' جي عنوان سان موجود آهي. سائين ڄاڻائي ٿو تہ: "ڪنهن بہ لفظ يا جملي جي ڳالهائڻ دوران جڏهن ان لفظ جي وچ ۾ آيل ڇوٽن گُهڻن سرن [اَن، اِن ۽ اُن] کان فورا پوءِ آيل، ڌماڪيدار وينجن [ب، پ، ج، جهہ، د، ڏ، ڊ، ڍ، گ ۽ گهہ] جڏهن سرن سان گڏ اچاريا ويندا آهن، يعني ڇوٽن گُهڻن سرن ۽ ڌماڪيدار وينجنن جي گڏيل اچار جي صورت ۾، ڇوٽن گُهڻن سرن جي فورا پوبان ايندڙ ڌماڪيدار وينجنن جي اثر کان، اهي ڇوٽا گُهڻا سُر (انوناسڪ) پنهنجي گُهڻائڻ واري خصوصيت مٽائي/ بدلجي، ڌماڪيدار وينجنن جي مخرجن وارا گُهڻا وينجن ٿي ويندا آهن." (الانا، 2009: 117)

صاحب موصوف اڳتي لکي ٿو تہ: "سنڌي ٻوليءَ جي صوتياتي نظام ۾ اهڙا بيشمار مثال ملن ٿا، البت سنڌي صورتخطيءَ (لکيل صورتن) ۾، انهن انوسوار جي اهڙيءَ حالت کي نمايان نہ ڪيو ويندو آهي؛ مثال طور: (الف) ڇوٽي گُهڻي سر [اَن] جو ٻن چپن وارن ڌماڪيدار وينجنن [ب يا پ] جي گڏيل اچار کان پوءِ اچار:

| لکيل صورت | اچاريل صورت | لکيل صورت | اچاريل صورت |
|---|---|---|---|
| اَنبُ | اَمبُ | يَنپور | يَمپور |
| اَنبار | اَمبار | ٿَنپُ | ٿَمپُ |
| ڇَنبو | ڇَمبو | | |
| لَنبو | لَمبو | | |

| | |
|---|---|
| چَنبڙ | چَمبڙ |
| قَنبر | قَمبر |

(ب) چوٿي گهُٽي سر [اَن] جو ڏنداون ڳرن ڏوڪڻن وينجنن جي گڏيل اچار ڪان پوءِ اچار:

| لکيل صورت | اچاريل صورت | لکيل صورت | اچاريل صورت |
|---|---|---|---|
| سَندو | سَنندو | سَنڌو | سَننڌو |
| | | سَنڌ | سَننڌ |
| | | سَنڌي | سَننڌي |
| | | سِنڌ | سِننڌ |

(ت) چوٿي گهُٽي سر [اَن] جو سخت تارونءَ وارن ڌماڪيدار وينجنن [ج، جه، چ] جي گڏيل اچار ڪان پوءِ اچار:

| لکيل صورت | اچاريل صورت | لکيل صورت | اچاريل صورت |
|---|---|---|---|
| مَنجو | مَڃجو | سَنجها | سَڃجها |
| گنجو | گڃجو | وَنجهه | وَڃجهه |
| | | پَنچات | پَڃچات |

(ث) چوٿي گهُٽي سر [اَن] جو نرم تارونءَ واري ڌماڪيدار وينجن [گ] جي گڏيل اچار ڪان پوءِ اچار:

| لکيل صورت | اچاريل صورت | لکيل صورت | اچاريل صورت |
|---|---|---|---|
| اَنگ | اَڱگ | سَنگ | سَڱگ |
| رَنگ | رَڱگ | سَنگت | سَڱگت |
| ڍَنگ | ڍَڱگ | مَنگتو | مَڱگتو |

(ج) چوٿي گهُٽي سر [اَن] جو مورڏني ڌماڪيدار ڳرن وينجنن [ڊ، ڍ] جي گڏيل اچار ڪان پوءِ اچار:

| لکيل صورت | اچاريل صورت | لکيل صورت | اچاريل صورت |
|---|---|---|---|
| چَنڊ | چَننڊ | ننڍو | ننڍو |
| مَنڊو | مَننڊو | سَنڍ | سَننڍ |

(هہ) چوٿي گهُٽي سر [اِن] جو مورڏني ڌماڪيدار ڳرن وينجنن [ڊ، ڍ] جي گڏيل اچار ڪان پوءِ اچار:

| لکيل صورت | اچاريل صورت |
|---|---|
| نِنڊ | نِننڊ |
| گهِنڊ | گهِننڊ |

(خ) چوٿي گهُٽي سر [اِن] جو ڏندائين ڏوڪٽي ڳري وينجن [ڏ] جي گڏيل اچار ڪان پوءِ اچار:

| لکيل صورت | اچاريل صورت |
|---|---|
| سِنڌ | سننڌ |

(د) چوٿي گهُٽي سر [اِن] جو نرم تارونءَ واري ڏماڪيدار وينجنن [گ ۽ گهہ] جي گڏيل اچار ڪان پوءِ اچار:

| لکيل صورت | اچاريل صورت |
|---|---|
| لِنگ | لِڱگ |
| سِنگهہ | سِڱگهہ |

(ر) چوٿي گهُٽي سر [اُن] جو، ٻن چپن واري ڳري ڏماڪيدار وينجن [ب] جي گڏيل اچار ڪان پوءِ اچار:

| لکيل صورت | اچاريل صورت |
|---|---|
| لُنب | لُمب |
| سُنب | سُمب |

(س) چوٿي گهُٽي سر [اُن] جو ڳرن سخت تارونءَ وارن وينجنن [ج ۽ جهہ] جي گڏيل اچار ڪان پوءِ اچار:

| لکيل صورت | اچاريل صورت |
|---|---|
| گُنج | گُڃج |
| مُنجهہ | مُڃجهہ |

(ش) چوٿي گهُٽي سر [اُن] جو ڳرن مورڏني وينجنن [ڊ ۽ ڍ] جي گڏيل اچار ڪان پوءِ اچار:

| لکيل صورت | اچاريل صورت |
|---|---|
| سُنڊُ | سُننڊ |
| مُنڍ | مُننڍ |

(الانا، سنڌي صوتيات، 2009: 118- 120)

**ڊاڪٽر الانا صاحب جي ڏنل مثالن جي ڇنڊ ڇاڻ**

(الف) ۽ (ر) جي مثالن ۾ ٻن ڇيڙوين آوازن سبب پيدا ٿيندڙ [م] جو آواز ساڪن بيهي ٿو، جنهن سبب 'نون گهٽو' لکيو ويندو آهي. حقيقت ۾ ظاهر ٿيندڙ اچاريل صورت ۾ [م] ساڪن جو آواز گهُٽو (Nasal vowel) آهي؛ جنهن سبب سنڌي صورتخطيءَ ۾ عربيءَ جي اثر ڪان 'نون گهٽو' ڪم آندو ويندو آهي. ديوناگريءَ يا انگريزيءَ ۾ ساڳيو آواز 'ميم' (m/ M) سان لکيو ويندو آهي. اهڙي 'ميم' ساڪن جي آواز جي صورتخطيءَ تي نئين سِري سان تقابلي ڪم ڪرڻ جي گهرج آهي، جنهن کي 'گهُٽي' ۾ ئي شامل ڪري سگهبو!

(ت)، (ث)، (د) ۽ (س) جي مثالن ۾ سخت تارونءَ ۽ نرم تارونءَ وارن ڌماڪيدار وينجنن ڪان اڳ هوندڙ گُهٽائپ 'گهُٽن وينجنن' جو احساس ڏياري ٿي، جيڪا ديوناگريءَ توڙي انگريزي صورتخطيءَ ۾ پڻ صرف 'نون گهُٽي' ۾ ڳڻي ويندي آهي.

(ب)، (ج)، (هه)، (خ) ۽ (ش) جي مثالن ۾ پيدا ٿيندڙ گُهٽائپ 'نون ساڪن' جا مثال آهن، جنهن بابت، صورتخطيءَ جي حوالي سان، سائين الانا صاحب ڪا اصولي راءِ نہ ڏئي سگهيو آهي.

مٿيان مڙئي مثال الانا صاحب صرف خيال خاطر ڏنا آهن، جنهن لاءِ ڄاڻايو اٿائين تہ: "سنڌي ٻوليءَ جي صوتياتي نظام ۾ اهڙا بيشمار مثال ملن ٿا، البت سنڌي صورتخطيءَ (لکيل صورتن) ۾، انهن انوسوار جي اهڙيءَ حالت کي نمايان نہ ڪيو ويندو آهي." يعني 'نون ساڪن' کي پيدا ٿيندڙ گهٽائپ ۾ شامل ڪري ٿو، جنهن کي صورتخطيءَ ۾ ڪابہ اهميت ڪونہ ٿو ڏئي.

*(آگاهي رهي تہ 'ميم ساڪن' گهُٽي سُر ۾ شامل ڪري سگهجي ٿو ۽ 'نون ساڪن' کي وينجن ۾ ئي شمار ڪبو!)*

ڪتاب 'سنڌي صوتيات' جي ڏهين باب ۾ سنڌي ٻوليءَ جي هڪ خاصيت کي علمي طور تي واضح ڪيو اٿائين، ليڪن نتيجةً صورتخطيءَ جي حوالي سان ڪتي بہ، ڪابہ راءِ نہ ڏني اٿائين تہ 'ن' جي اهڙي قسم جي آوازن کي ڪهڙي دڳ لاٿو آهي! ديوناگري صورتخطيءَ ۾ اهڙي نون ساڪن کي اڌ صورت ۾ لکي 'نون وينجن' ۾ شمار ڪيو ويندو آهي. {ڏسو ڊاڪٽر جيتلي جو ڏنل مثال: sñq سَنت (نون وينجن)}

ڊاڪٽر الانا صاحب جي ڏنل 'اچاريل صورت' ۾ هڪ 'نون' جي جڳهہ تي 'ٻہ نون' ڏنل آهن، ڪٿي تہ وري 'ٽي نون' بہ اچي ٿا وڃن، جنهن مان مراد اها آهي تہ آواز جي بنياد تي هڪ تہ ٿيو 'گهُٽائپ وارو' تہ ظاهر آهي تہ ٻيو 'گهُٽائپ وارو' نہ ٿيندو، بلڪ 'نون وينجن' ئي ٿيڻ کپي؛ ٽن واري ۾ وچيون گهُٽي وينجن جي 'گهُٽائپ' جو اثر آهي. بهرحال 'نون' اکرن جي جوڙي ۾ آخري 'نون' جي حالت غير متحرڪ واري بيهي ٿي، اهوئي نون وينجن ساڪن سڏي سگهجي ٿو ۽ ان تي

’جزم‘ جو استعمال ٿي سگهندو آهي. خبر ناهي تہ هن باب ۾ ’گُهٽائپ جو گُهٽڻ وينجنن ۾ تبديل ٿيڻ‘ تي درست رخ سان ڪم ڪرڻ بعد بہ ان لاءِ صورتخطيءَ جي حوالي سان، ڪا راءِ ڏنل ڪانهي. ان ۾ ڪوبہ وڏاءُ ناهي تہ صوتيات موجب ڊاڪٽر صاحب جا ڏنل مثال ’نون ساڪن‘ جا مثال آهن.

سنڌي صورتخطيءَ ۾ 1939ع تي، ڊاڪٽر دائود پوٽي عربي صورتخطيءَ جي طرز تي اعرابن متائڻ جو ڪم ڪيو. حقيقت ۾ عربي صورتخطيءَ ۾ جزم جي استعمال هوندي بہ ’نون گُهٽي‘ جا دائرا متعيّن ٿيل آهن. عربي ٻوليءَ ۾ گُهٽڻ آوازن لاءِ محترم استاد عبدالهادي سُرهيو صاحب ڄاڻائي ٿو تہ: ”’ينمو‘ (ي، ن، م ۽ و) وارن حرفن وقت نون کي غنوڪري پڙهبو. ان کي ’ادغام مع الغنه‘ چئبو آهي؛ مثلاً:

’مِنۡ يَّومٍ‘، ’مِنۡ نُّورٍ‘، ’مِنۡ مَّلَكٍ‘، ’مِنۡ وَّالٍ‘ (سُرهيو، 1976: 31)

ظاهر آهي تہ عربي صورتخطيءَ جو مزاج بہ الڳ آهي. ڊاڪٽر دائود پوٽي جي ڪيپ وارن عالمن ’نون گُهٽي‘ تي جزم جو استعمال ڪيو، جنهن تي درست اعتراض ٿيا؛ ليڪن ڪنهن بہ عالم ان نڪتي تي غور ڪونہ ڪيو تہ ’نون تي جزم‘ بہ ٿي سگهندي آهي ۽ ان جا ڪي دائرا بہ متعيّن ٿي سگهن ٿا!

مٿئين اصولي بحث بعد لفظ ’ننڍپڻ‘ جي ترجيحي صورت لاءِ راءِ رکجي ٿي:

| مختلف صورتون | | ترجيحي صورت |
|---|---|---|
| ننڍَپُڻ، نَنَڍَپڻ | = | نَنۡڍَپِڻ |

## سنڌي لفظن جي جمع صورت ۾ نون ساڪن جو استعمال

سنڌي ٻوليءَ جي نحوي بناوت موجب ڪنهن اسم جي جمع صورت ۾، حرف جر ڳنڍڻ جي حالت ۾ ’نون‘ جو اضافو ڪيو ويندو آهي؛ جيئن:

1) ڪٽن تي رلهيون وڇايل آهن.
2) ڪافي اسڪولن ۾ لائبريرين جي حالت خستہ آهي.
3) ڪوئن جي ٻرن وٽ ڪئا مار دوا هارڻ گهرجي.
4) احمد ڪافي تقريبن ۾ حصو ورتو آهي.
5) ڪمري جي ڪنڊن مان گرامر جو ڪتاب ڳولهي اچ!
6) شاهہ لطيف جي ميلي تي رعايتي ڪتابن جو اسٽال لڳايو ويو آهي.

نشاني ڪيل مختلف اسمن ۾، حرف جر سبب، جمع بيهارڻ لاءِ ’ن‘ جو اضافو ڪيو ويندو آهي، سو دراصل ساڪن ئي رهندو. جمع صورت ۾ ’ن‘ ساڪن بيهڻ جو سبب، ماقبل آخري وينجن (Second last consonant) جي اعراب جو تبدّل آهي؛ ياد رهي تہ سنڌي ٻوليءَ جي واحد- جمع يا مذڪر- مؤنث جو گهڻو انحصار

’آخري وينجن جي اعراب جو تبدّل‘ آهي. ٻي صورت ۾ آخري ’م، س ۽ ن‘ ساڪن رهندا آهن ۽ ان کان اڳ واري وينجن جي اعراب تي تبدّل واقع ٿيندو آهي؛ اهڙو تفصيلي ڪم راقم جي هڪ مختصر مقالي ۾ ڪيل آهي. (جوکيو، 2011: 42- 95)

’ڪٺَ‘ مان ’ڪٺُن‘ (اَ > اُ) ۽ ’ڪتابُ‘ مان ’ڪتابَن‘ (اُ > اَ) ۾ ماقبل آخر جي اعراب متجڻ جو سبب جمع صورت آهي؛ ان صورت ۾ آخري ’نون‘ ساڪن ئي رهندو. بدقسمتيءَ سان سنڌي ٻوليءَ جي ماهرن وٽ ’سنڌي لفظ جو آخري وينجن متحرڪ‘ هجڻ واري تصور سبب سنڌي ٻوليءَ ۾ ماقبل آخر (Second last consonant) جي اعراب تي ڪم ٿي نہ سگهيو آهي.

لفظن جي ترجيحي صورت

هيٺيان لفظ باضابطي طور ڪنهن مذاڪري يا سيمينار ۾ بحث هيٺ ڪونہ رهيا، تن ڪي صرف ڊاڪٽر جيٽلي صاحب نمايان ڪيو؛ نون ساڪن جي نسبت، تن لاءِ ترجيحي صورت جي راءِ رکجي ٿي:

| مختلف صورتون | ترجيحي صورت |
|---|---|
| آڱرِيُنِ | آڱرِيُنّ (’ريُ‘ گڏيل ديسي آواز) |
| لُوڪَنِ | لوڪنّ |
| اَڪرَن | اڪرنّ |
| ٻارَن | ٻارنّ |

**نوٽ:** عام طور سنڌي صورتخطيءَ ۾ اعراب/ علامت جو استعمال گهٽ ڪيو ويندو آهي، ان صورت ۾ آخري نون تي جيڪڏهن جزم نہ ڏبي تہ خير آهي، البتہ زير جو استعمال نہ ٿو ڪري سگهجي. زير جو امڪاني ذڪر ان لاءِ ٿو ڪجي تہ آواز جي بنياد تي زير، ساڪن جي ويجهو ڄاتي ويندي آهي.

## حاصل مطلب/ نتيجو

- سنڌي صورتخطيءَ ۾ ’نون‘ ٽن حالتن ۾ ڪم آندو ويجي ٿو:
  - نون وينجن متحرڪ: نَڪ، نالو، نيڪال وغيره.
  - نون وينجن ساڪن: گهنٽي، ڏند، سنڌ، ڪنتو وغيره.
  - نون گهُٽو: شينْهن، ٻانْهنْ، نانْگ وغيره.
- ڏند وارن بندشي ڌوڪڻن: ت، ٿ، د، ڌ ۽ مهار وارن/ مورڏني بندشي ڌوڪڻن: ٽ، ڊ، ڍ کان اڳيان ايندڙ ’نون يا نون گهُٽو‘، قريب مخرج سبب ’نون ساڪن‘ ۾ تبديل ٿئي ٿو. ڊاڪٽر الانا صاحب اهڙي گهُٽائپ کي ’نون وينجن‘ ۾ تبديل ٿيڻ ڄاڻايو آهي، جنهن ۾ موصوف ’د، ڌ، ڊ ۽ ڍ‘ جا آواز ڄاڻايا آهن، جنهن لاءِ سندس راءِ آهي تہ صورتخطيءَ ۾ استعمال نہ ٿو

ڪيو وڃي/ نہ ٿو ڪري سگهجي.

- سنڌي ٻولي/ صورتخطيءَ جي لفظن ۾ ’ٿ، ڏ، ن، نهہ، ڻ، ل، لهہ، ر، رهہ، ڙ، ڙهہ‘ اهڙا آواز آهن جن کان اڳ نون ساڪن/ گهُٽو نہ ٿو اچي.
- سنڌي ٻوليءَ جي نحوي بناوت موجب ڪنهن اسم جي جمع صورت ۾، حرف جر ڳنڍڻ جي حالت ۾ ’نون‘ جو اضافو ڪيو ويندو آهي، جنهن کي ’نون ساڪن‘ سمجهڻ گهرجي.
- لفظ ’آڱرِيُن‘ ۾ ’ريُ‘ گڏيل آواز (پهريون ساڪن ٻيو متحرڪ) رهندو، جنهن تي راقم پاران تفصيلي بحث ’جزم جي درست استعمال‘ ۾ ڪيل آهي. (جوکيو، 2010: 68- 90)

## حوالا/ ذريعا:


1. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر (1993) سنڌي صورتخطي- سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو حيدرآباد.
2. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر (2009) سنڌي صوتيات- ڇاپو ٻيون- سنڌي لئنگويج اٿارٽي حيدرآباد.
3. جوکيو، الطاف حسين (2010) جزم جي درست استعمال جو مسئلو. سنڌي ٻولي: تحقيقي جرنل، 3 (4)، 68- 90. حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
4. جوکيو، الطاف حسين (2011) سنڌي لفظن جي لفظن ۾ آخري ۽ آخريءَ کان اڳ وينجن جي سُر ۽ آخري وينجن جي ساڪن هئڻ جو تصور. ايڊيٽر: تاج جويو، سنڌي ٻولي: تحقيقي جرنل، 4 (2)، ص: 42- 95. حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
5. جويو، تاج- ايڊيٽر (جون- 1999) سنڌي ٻولي، تحقيقي جرنل- سنڌي لئنگويج اٿارٽي حيدرآباد.
6. جيٽلي، مرليڌر، ڊاڪٽر (1999) ٻوليءَ جو سرشتو ۽ لکاوٽ- اکل ڀارتيہ سنڌي ساهتيہ دهلي.
7. سرهيو، عبدالهادي (1976) علمي تحفو- هادي پبليڪيشنس لاڙڪاڻو.
8. سید محمد سلیم پروفیسر (1981)۔اردو رسم الخط۔ مقتدرہ قومی زبان کراچی.
9. شاہجہانپوری،ابو سلمان،ڈاکٹر (1986) کتابیات اردو املااور دوسرے مسائل۔ مقتدرہ قومی زبان اسلام آباد.
10. طاهر علي، واءِ. ايس، پروفيسر (1965) سامي زبانون. ايڊيٽر: گرامي، غلام محمد. مهراڻ تہ ماهي علمي ۽ ادبي رسالو. 14 (1 ۽ 2)، 284- 296. حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ.